مختيار احمد ملاح

# برطانوي دؤر کان سرڪاري عملدارن لاءِ ”سنڌي ٻوليءَ جو لازمي امتحان پاس ڪرڻ“ _ تاريخي جائزو


### *Abstract:*

**Mandatory Examination of Civil Servants – Historical Perspective**

*Persian had deep roots as the official language of Sindh for the last many centuries. However, when Sindh came under the occupation of East India Company in 1843, it was realized that Persian was a foreign language for the people of Sindh. Accordingly, the first Commissioner in Sindh – Mr. R.K Pringle demanded an educational system and official business of Sindh in Sindhi. In 1848, Governor of the Bombay Presidency, Sir George Clerk ordered to make Sindhi the official language and he made it mandatory for the Civil officers to qualify examination in Sindhi language. On 6th September 1851, Sir Bartle Frere, the Commissioner in Sindh also issued formal orders advising all civil servants to qualify examination in Sindhi. In July 1853, an official Arabic Sindhi scripted alphabet was introduced with the establishment of Sindhi medium schools. Hence every officer working in Sindh was required to either pass examination in the colloquial Sindhi or qualify examination of interpreter and this practice continued without any hindrance till 1947. For the preparation of the examination, very good quality books were published by the government and private publishers on large scale.*

*After independence, things quite changed for worse and Urdu was made national language of the country. Sindhi was ignored in big cities but the law for Sindhi as official business remained in vogue. The Government enacted "The Sind Government Servant Examination Rules, 1963, which was repealed with the enactment of "The Sind Civil Servants Examination Rules, 1981. Furthermore, the Sind (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) (Application) Act, 1972 was an attempt to promote Urdu and Sindhi in the province but it caused civil disturbance in the province, hence it could not be implemented to date in its letter and sprit. Sindh Public Service Commission has been assigned to conduct examination of languages, i.e. Sindhi and Urdu twice a year and in this regard, Sindhi Language Authority has been given mandate to conduct classes of officers working in Sindh for learning of Sindhi language. Judicial staff is required to undergo the examination of Sindhi language under Section 10 of Sindh Judicial Staff Services Rules, 1992. Despite every facility and easement, the examination in Sindhi language has been ignored and it has lost its importance due to lack of interest on the part of civil servants.*






**انگريزن** سنڌ تي ١٨٤٣ع ۾ قبضو ڪيو. ان کان اڳ تاريخ جي هڪ وڏي عرصي کان فارسي، سنڌ جي سرڪاري ۽ دفتري ٻولي هئي. سنڌ ۾ تعليم پڻ عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ ڏني ويندي هئي. خاص طور تي عربن جي دور کان ٿورو پوءِ، انگريزن جي شرعاتي دور تائين سنڌ ۾ فارسيءَ کي سرڪاري ٻوليءَ جو درجو حاصل هو. سومرن، سمن، غورين، غزنوين، خلجين، ارغونن، ترخانن، مغلن، ڪلهوڙن، ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جي دفتري ٻولي فارسي هئي. فارسيءَ کي سرڪاري سطح تي وڏو مقام حاصل هوندو هو ۽ سرڪاري نوڪريون ۽ گهوڙا فارسي ڄاڻڻ واري کي ملندا هئا. تنهن ڪري چوندا هئا: ’فارسي گهوڙي چاڙهسي‘ ۽ اهو به مشهور ٿيو ته ’سنڌي وائي ڪنهن ڪم نه آئي‘. سنڌ جي علمي، ادبي ۽ سرڪاري سرشتن تي فارسي ايتري ته غالب هئي، ڄڻ سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وئي، پر سنڌ جي غيور عالمن، شاعرن ۽ اديبن ۽ رب ڪريم سنڌي ٻوليءَ کي هميشه قائم ۽ دائم رکيو آهي. ڪلهوڙا حڪمران جيڪڏهن چاهين ها ته سنڌي زبان کي سنڌ جي سرڪاري ٻولي طور لاڳو ڪري ٿي سگهيا. ڇاڪاڻ ته سندن مادري زبان سنڌي هئي، ڪلهوڙن جو دؤر (١٧٨٢-١٦١٧) علم و ادب جي لحاظ کان سنڌي سونهري دؤر سڏجي ٿو. هڪ طرف مقامي ماڻهن جي حڪمراني هئي، ٻئي طرف فارسي ٻولي رياستي زبان هوندي به سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو سرشتو پختو ٿي چڪو هو، توڙي جو عربي-سنڌي رسم الخط جي ڪا معياري صورتخطي مقرر ٿي نه سگهي هئي. ڪلهوڙن جي دؤر جو نالي وارو عالم مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ان دؤر جي حاڪم غلام شاهه ڪلهوڙي جو مذهبي معاملن بابت صلاحڪار هو. پوءِ ڪهڙا سبب ٿي سگهيا ٿي، جن جي ڪري ڪلهوڙن سنڌي زبان کي رياستي زبان جو درجو نه ڏنو ۽ سنڌي صورتخطي کي معياري بڻائي دفتري زبان نه بڻايو. پر هنن اهو شايد ان ڪري نه ڪيو ته ان وقت سڄي خطي ۾ فارسيءَ جو اثر رسوخ تمام گهڻو هو. هندستان کان ويندي ايران، افغانستان سميت سنڌ جي پاڙيسري ملڪن ۾ فارسي هلندڙ هئي. ٽالپر حڪمران نه صرف علم و ادب سان چاهه رکندا هئا پر شاعرن ۽ عالمن جي همت افزائي به ڪندا هئا. ملڪ جي دفتري زبان فارسي هئي. هن دؤر جي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ مقرر نصاب شامل هوندو هو. هن دؤر ۾ فارسي زبان جو اثر تمام گهرو هو، ڇو جو سنڌ جا ايران سان تمام ويجها تعلقات هئا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

هنن دورن ۾ جيتوڻيڪ سنڌي ٻوليءَ کي سرڪاري معاملن ۾ اهميت ڪو نه هئي پر 'فارسي گهوڙي چاڙهسي' وارو محاور ثابت ڪري ٿو ته سنڌ جي سرڪاري معاملن هلائڻ لاءِ فارسي کي گهڻي حيثيت حاصل هئي. ان مان اهو به ثابت ٿئي ٿو ته سرڪاري معاملن هلائڻ لاءِ ضرور ڪو نصاب ۽ امتحان جو به بندوبست هوندو. مغل توڙي ٽالپرن جي درٻار ۾ هندو اعليٰ عملدار مقرر ٿيل هئا جو هو فارسيءَ جا ڄاڻو هئا ۽ هندو 'عامل'، فارسيءَ جي ڄاڻ سبب سرڪاري عملدار مقرر ٿيندا هئا. عامل جو مطلب ٿئي انتظام هلائيندڙ آهي. عاملن جي لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي لوهاڻا هندو ذات جا هئا، جيڪي خاص امتحان پاس ڪري 'عامل' سڏجندا هئا. عالمن جو اٺڻ ويهڻ ۽ رهڻي ڪهڻي ڌار هوندي هئي ۽ پنهنجون الڳ ڪالونيون جوڙي رهندا هئا. اهڙي طرح وڏن عملدارن کي 'ديوان' ڪوٺيو ويندو هو. مسلمان به ڪجهه قدر منشي ۽ سرڪاري نوڪري ڪندا هئا. انگريز عملدارن جڏهن ٽالپرن جي دور ۾ سنڌ جي مختلف رخن کان سروي ڪئي ته هنن سنڌ ۾ سرڪاري طور تي هلندڙ ڪاروبار بابت ڪافي تحقيق ڪئي. ٿامس پوسٽنس جنهن سنڌ ۾ فوجي خدمتون سرانجام ڏنيون هيون. سندس ڪتاب 'Personal Observation on Sindh' سنڌ جي تاريخ بابت هڪ اهم دستاويز آهي. هو لکي ٿو ته: "سنڌي ٻولي هندو نسل جي آهي، جيڪا سنسڪرت مان نڪتل آهي، ۽ اها گجرات جي وادين تائين ڳالهائي وڃي ٿي. ان کي هڪ مخصوص رسم الخط آهي، جنهن کي 'خدا وادي' چيو ويندو آهي. سمورا هندو پنهنجو حساب ڪتاب ۽ لکت ان خط ۾ ڪندا آهن. جڏهن ته عدالتي زبان فارسي آهي."[1]

## برطانوي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت:

١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ تي قبضو ڪري ٽالپر حڪمرانن کي فارغ ڪري ڇڏيو، ٽالپر دور حڪومت ۾ ۽ ان کان اڳ واري دؤر تائين فَارسي سنڌ جي سرڪاري ٻولي هوندي هئي، البت ڪي هندو واپاري ڪاروبار واسطي خدا وادي لکت به استعمال ڪندا هئا. انگريز هميشه مقامي ماڻهن جي نفسيات کي مدنظر رکي، ڪم ڪندا هئا. هو هميشه عام ماڻهن سان سڌي طرح لهه وچڙ ۾ ايندا هئا. انگريزن مقامي ماڻهن جون ٻوليون سکندا هئا ۽ انهن جي رهڻي ڪهڻي بابت ڄاڻ حاصل ڪندا هئا. اج به سچي





هندستان ۾ معياري ۽ مستند تاريخ جا حوالا انهن فوجي آفيسرن جي ڪيل تحقيق مان ڪنيا ويندا آهن. اهي محقق يا ته فوجي عملدار هئا يا وري شهري نوڪري يا اختياري وارا . انهن مان ڪجهه اهڙا عالم به هئا، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن نه ڪنهن پهلوءَ تي ڪجهه نه ڪجهه تحقيقي طور تي لکي چڪا هئا، مثال طور سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي جاگرافي، سنڌ جي معيشت، سنڌي گرامر، ٻولي، آبپاشي، نقشن وغيره تي ڪيترائي ڪتاب ۽ مقالا لکي چڪا هئا. اها به عجب جي ڳالهه آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا اوائلي گرامر به انگريزن لکيا، سنڌي ٻولي جون اوائلي لغتون به انگريزن تيار ڪيون. ١٨٤٣ع ۾ چارلس نيپيئر سنڌ جو گورنر جنرل مقرر ٿيو. ١٨٤٥ع ۾ هن ملڪي معاملن کي هلائڻ لاءِ فارسي زبان کي جاري رکيو. ١٨٤٧ع ۾سنڌ جو گورنر جنرل چارلس نيپئر پنهنجي عهدي تان رٽائر ٿيو ۽ برطانيه روانو ٿي ويو. سندس روانگيءَ سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ملائي ڇڏيو. سنڌ جي صوبائي حيثيت به ختم ٿي ويئي ۽ سنڌ کي ڊويزن جو درجو ڏيئي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو، جيڪو سنڌ ۾ انتظامي معاملن کي ڏسندو هو.

## مسٽر آر. ڪي. پرنگل جا ڪنيل قدم:

١٨٤٧ع ۾ رچرڊ ڪيٿ پرنگل (١٨١٠-١٨٩٧ع) کي سنڌ جو پهريون ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. سنڌ ۾ هن جو ٽن سالن جو عرصو، تعليم ۽ سرڪاري سڌارن جي لحاظ کان بهترين دور هو. پرنگل جڏهن ملڪ جو نظام سنڀاليو تڏهن هن ڏٺو ته عوام جي ٻولي سنڌي، لکپڙهه فارسيءَ ٻولي ۾ ٿيندي هئي، عجيب نموني سرڪاري نظام هلندڙ هو. جنهن کي به ڪا شڪايت ڪرڻي هوندي هئي ته هو سنڌيءَ ۾ ٻڌائيندو هو ، سرڪاري دفترن آڏو ويٺل عامل ان کي فارسيءَ ۾ لکندا هئا ۽ انگريز آفيسرن کي وري انگريزيءَ ۾ ترجمو پيش ڪندا هئا. نتيجي ۾ وقت جو زيان، انصاف ۾ رنڊڪ، غير منصفاڻا فيصلا، غلط ترجما وغيره عام جام هوندا هئا. مسٽر پرنگل سنڌ ۾تعليم ۽ سرڪاري آفيسن جي صورتحال جانچڻ لاءِ پنهنجي زيردست عملدارن کان رپورٽون طلب ڪيون. هن انهن مان ٽي سوال پڇيا:

١. ڇا شهرن يا ڳوٺن ۾ تعليمي ادارا موجود آهن؟



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٢. ڇا ماڻهو عام طور تي لکي پڙهي سگهن ٿا ۽ ڪهڙا طبقا پڙهن ٿا؟

٣. ڪهڙيون ٻوليون ۽ لهجا ڳالهايا وڃن ٿا ۽ اهي عام طور پڙهندڙ سمجهي سگهن ٿا يا نه ؟[٢]

سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ عملدارن ڪيس ساڳي نوعيت جا جواب موڪلي ڏنا. انهن جوابن جو تعليمي ادارن جي لحاظ کان اختصار هيٺ ڏجي ٿو:

"**ڪئپٽن راٿبورن، ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ، حيدرآباد:** هندو عامل طبقو سرڪاري نوڪرين ۾ لڳل آهي، جيڪي سرڪاري لک پڙهه فارسي ۾ ڪن ٿا، پر عبور حاصل ڪو نه اٿن. سيدن ۽ سردارن جا ٻار به ڪجهه فرق سان لکي ۽ پڙهي سگهندا آهن. سرڪاري ٻولي فارسي آهي، پر سنڌي ٿوري يا گهٽي فرق سان هر هنڌ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي.

**ميجر گولڊني، ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ، شڪارپور:** اڪثر ڪري هندو لکي، پڙهي ۽ حساب ڪتاب ڪري سگهن ٿا. مسلمان ، جيڪي نوڪرين ۾ آهن، اهي به ڄاڻن ٿا، پر ڪيترائي جاگيردار اهو به نه ٿا ڪري سگهن. فارسي عام آهي، جنهن ۾ مسلمان به لکي سگهن ٿا. موجوده سرڪاري دستاويز ۽ اڳوٽا دستاويز گهڻو ڪري فارسيءَ ۾ لکيل آهن.

**ڪئپٽن پريڊي، ڪليڪٽر ۽ مئجسٽريٽ، ڪراچي:** شاهوڪار مسلمانن جا ٻار عربي ۽ فارسي زبانن ۾ مُلن وٽ تعليم حاصل ڪندا آهن ، جڏهن ته غريب مسلمانن ۽ هندن جا ٻار مُلن جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ فارسيءَ ۾ تعليم حاصل ڪندا آهن. سندن تعليم لاءِ ڪتاب به فارسيءَ ۾ آهن. سنڌي هر هنڌ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي پر سرڪاري حساب ۽ لکپڙه فارسيءَ ۾ ڪئي ويندي آهي ."[٣]

عملدارن رپورٽون پيش ڪندي لکيو آهي ته سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي ڪو به اسڪول هلندڙ نه آهي، نه وري سنڌي زبان ۾ لکپڙهه جو ڪو رواج عام آهي، هنن واضح طور لکيو ته ملڪ جو سرڪاري سرشتو فارسي ۾ هلي رهيو آهي. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ نه ته تعليم جو خاص بندو بست هو نه وري ڪنهن به سرڪاري معاملي ۾ سنڌي لکت جو رواج هو.





## رچرڊ برٽن ۽ ٻين عملدارن جو سنڌيءَ ۾ امتحان وارو مسئلو:

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي قاعدن ۽ ضابطن مطابق نوڪري ۽ ترقي لاءِ مقامي ٻولين ۾ امتحان پاس ڪرڻ ضروري هوندو هو. جيڪو جيمس ڪوڊ جي مقامي ٻولين جي قاعدي نمبر ٢٣٩ جي صفحي نمبر ٨٢٤ مطابق ورتو ويندو هو. ١٨٤٨ع تائين سنڌ ۾ فقط چار آفيسر سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪري سگهيا هئا ۽ ڪجهه امتحان ڏيڻ لاءِ تيار هئا. پر ڪين امتحان جي تياري لاءِ نه ته ڪي ڪتاب موجود هوندا هئا نه وري ڪا سرڪاري لکت هوندي هئي، جنهن ۾ هو امتحان ڏئي سگهن. ٨ مئي ١٨٤٨ تي بمبئي سرڪار شهريءَ فوجي عملدارن کان سنڌيءَ جي امتحان وٺڻ لاءِ هڪ ڪاميٽي جوڙي. انهيءَ 'امتحاني ڪاميٽيءَ' پهريون دفعو عملدارن کان سنڌيءَ ۾ امتحان ورتو. هن زماني ۾ اڃا ڪا مستند 'سنڌي لپي' مقرر ڪا نه ٿي هئي، پر ڪتاب لکجڻ شروع ٿي ويا هئا. ڪئپٽن اسٽئڪ 'سنڌي گرامر' تيار ڪيو ۽ ١٩ جنوري ١٨٤٩ تي سرڪار کي خط لکيو ته سندس ڪتاب جي قيمت مقرر ڪئي وڃي ۽ ڪيس انهيءَ ڪم جو معاوضو ڏنو وڃي. ان دور جي هڪ وڏي عالم، اديب، مترجم، تاريخدان، جاگرافيدان ليفٽيننٽ رچرڊ فِرانسس بَرٽن (١٨٢١-١٨٩٠ع) پنهنجي اعليٰ عملدار والٽر اسڪاٽ، سپرينٽنڊنٽ ڪئنال اينڊ سروي جي معرفت سنڌ سرڪار کي خط لکيا ته سندس سنڌي ۽ پنجابي ٻولين ۾ امتحان ورتا وڃن. بمبئي سرڪار جي منظوريءَ سان ١٨ جولاءِ ١٨٤٨ع تي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کي ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن جي سنڌي ۽ پنجابي ٻولين جي مهارت جاچڻ لاءِ ممتحن مقرر ڪيو ويو. ١٨ جولاءِ ١٨٤٨ع تي ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ڪراچيءَ ۾ رچرڊ برٽن جهڙي ذهين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ماهر کان امتحان ورتو. ٣١ آگسٽ ١٨٤٨ع ۾ ڪئپٽن اسٽئڪ امتحان جو نتيجو سرڪار کي ڏياري موڪليو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ پنهنجي خط ۾ لکيو ته: "توهان جي خط نمبر ١٩٣٣، تاريخ ١٩ جولاءِ ١٨٤٨ع تي، مون کي اعزاز حاصل ٿيو ته توهان کي ليفٽيننٽ رچرڊ برٽن جي سنڌي ۽ پنجابي ٻولين جي ٿيل امتحان جي ڪاروائيءَ نتيجي کان آگاهه ڪريان. رچرڊ برٽن سنڌي ٻوليءَ جي لکت جو امتحان عربي، فارسي ۽ ديوناگري رسم الخطن ۾ ڏنو، پر انهن ٻنهي رسم الخطن ۾ ڪو به سنڌي ٻوليءَ جو ڪتاب شايع ٿيل نه آهي. سنڌيءَ ۾ ڪيترائي خط آهن، انهن مان هينئر صرف ڪجهه بچيا آهن، جن ۾ واپاري لکپڙه ڪندا آهن. انهن لاءِ خداوادي لپيءَ کي سرڪاري طور لاڳو ڪرڻ گهرجي، جنهن بابت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مان اڳ ۾ ئي سرڪار کي سفارش ڪري چڪو آهيان. مان اهو بہ مشورو ڏيندس تہ مستقبل ۾ ٿيندڙ امتحانن ۾ ان رسم الخط کي لاڳو ڪرڻ گهرجي ."[۴]

## سرڪاري ڪاروهنوار لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي درجي جو اعلان:

رچرڊ برٽن ڪان پوءِ ٻين بہ ڪيترن ئي آفيسرن سنڌيءَ جي امتحانن ۽ انڪريمينٽ (پگهار ۾ واڌ) لاءِ سرڪار کي درخواست ڏني.۱۸۴۷ع مسٽر پرنگل تعليمي ۽ ٻين سيني مسئلن کي سامهون رکندي هڪ تفصيلي رپورٽ تيار ڪري بمبئي حڪومت کي ڏياري موڪلي تہ سنڌ ۾ تعليمي ادارا کوليا وڃن ۽ سنڌي زبان کي سرڪاري درجو ڏنو وڃي تہ جيئن علمدار سولائي سان سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪري سگهن. بمبئي سرڪار جي گورنر سر جارج رسل ڪلرڪ (۱۸۰۰- ۱۸۸۹ع) ، مسٽر پرنگل جي سفارشن جو گهرائي سان جائزو ورتو. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي ڊڪشنري جي اشاعت جي منظوري لاءِ خط وٽس اڳي پيل هو. ۲۴ اپريل ۱۸۴۸ع تي بمبئي جي گورنر جارج ڪلرڪ (George Clerk) ، مسٽر پرنگل جي سفارشن تي نوٽ لکندي اعلان ڪيو تہ سنڌ ۾ سرڪاري زبان سنڌي هوندي، هن سمورن آفيسرن کي هدايت ڪئي تہ هو ارڙهن مهينن ۾ سنڌي سکي وٺن. سندس فيصلي ۾ ٽي حڪم واضح هئا، جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

۱. اسان کي گهرجي تہ اسان سرڪاري ڪارونهوار لاءِ ملڪي ٻولي (سنڌي) کي متعارف ڪرايون. مونکي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اسان جا روينيو ۽ انصاف کاتي جا عملدار فارسي يا انگريزيءَ جهڙي هڪ ڌاري ٻوليءَ ذريعي ڪيئن اثرائتي نموني ڪم هلائي سگهندا. آفيسرن کي ارڙهن مهينن جو وقت ڏجي ٿو تہ سنڌي زبان جو امتحان پاس ڪري وٺن.

۲. مان سمجهان ٿو تہ سندن امتحان جي تياري ۾ گرامر ۽ ڊڪشنري جي اشاعت ۾ مدد ملندي، ان لاءِ مان ليفٽيننٽ اسٽئڪ کي اشاعت جي اجازت ٿو ڏيان.

۳. ڪمشنر جي سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري جي سلسلي ۾ تجويز ڪيل سفارش موجب جيئن تہ اسان ٻين صوبن ۾ سرڪاري سطح تي قدم کنيا

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





آهن، ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ سندس صلاح دانائيءَ واري آهي، پر جيتر يورپي عملدار ملڪي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪا ڄاڻ وٺن، ۽ جيستائين اسان جا ماڻهو ان مقامي ٻوليءَ ۾ تياري ڪري وٺن، تيستائين تعليمي ادارن کولڻ جي سلسلي کي قدم کڻڻ وقت کان اڳ جي ڳالهہ هوندي."[۵] (ڏسو ضميمو نمبر ۱)

بمبئي سرڪار، سنڌيءَ کي سرڪاري ٻولي جي حيثيت تہ ڏيئي ڇڏي، پر اهو سڄو سارو سرڪاري سرشتو هلائڻ لاءِ ڪهڙي صورتخطي هئڻ گهرجي؟ هڪ وڏو سوال هو. ڇاڪاڻ سنڌيءَ لاءِ ان وقت تائين ڪا بہ معياري صورتخطي موجود نہ هئي. مسٽر پرنگل پنهنجي زير دست عملدارن کان راءِ گهري تہ هو جاچ ڪري ٻڌائين تہ سنڌ ۾ سرڪاري لکپڙهہ ۽ ماڻهن کي مقامي زبان ۾ تعليم ڏيڻ لاءِ ڪهڙي صورتخطي ڪارگر ثابت ٿيندي. صوبي ۾ ڪم ڪندڙ انگريز عملدارن سنڌي زبان لاءِ مختلف رسم الخطن جي حمايت ۾ نندا نندا دليل ڏئي رپورٽون سرڪار وٽ جمع ڪرايون. آخر ۾ مسٽر پرنگل جي نظر ٻن انگريز عملدارن جي رپورٽن تي پئي، جيڪي سنڌيءَ سميت هند جي مختلف ٻولين ۾ تمام گهڻي مهارت حاصل ڪري چڪا هئا. انهن ۾ حيدرآباد جو ڊپٽي ڪليڪٽر ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ آبپاشي کاتي ۾ مقرر عملدار ليفٽيننٽ فرانسس برٽن شامل هئا.ڪئپٽن جارج اسٽئڪ ان وقت تائين سنڌي گرامر ۽ انگريزي -سنڌي ڊڪشنري تيار ڪري چڪو هو. ٻئي طرف برٽن سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ ۾ شڪار جي سلسلي ۾ ڪافي تحقيق ڪري چڪو هو. هي ٻئي اُهي محقق هئا، جيڪي اصولي طور تي سنڌ ۾ فارسيءَ جي استعمال کي ختم ڪرڻ جا حامي هئا. هنن ٻنهي پنهنجي طرفان رپورٽون تيار ڪري سرڪار وٽ جمع ڪرايون ، جيڪي ڇئن پنجن سالن تائين رولڙي جو شڪار رهيون.

## سربارٽل فريئر جو سنڌي ڪامورن لاءِ هدايت نامو:

۰۶ سيپٽمبر ۱۸۵۱ع تي سنڌ جي تڏهوڪي ڪمشنر سر بارٽل فريئر پنهنجي سرڪيولر نمبر ۱۸۲۲ موجب سنڌ ۾ سرڪاري عملدارن کي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان لازمي طور پاس ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن هڪ هدايت نامي ذريعي سنڌ ۾ نوڪريءَ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي خواهشمند يورپي ڪامورن ۽ سندن ترقي (پروموشن) لاءِ سنڌيءَ ۾ امتحان لازمي طور پاس ڪرڻ سان گڏ، امتحان جو ڪورس، امتحان جو انتظام، جڳهه، تاريخ ۽ ڪاميٽيءَ وغيره جي طريقہ ڪار جو پڻ اعلان ڪيو . هن ڄاڻايو ته ”اڄ کان پوءِ ڪنهن کي به سول عملدار طور پرتي نه ڪيو ويندو يا ڪيس ترقي ڏني نه ويندي جيستائين هو سنڌي ٻوليءَ ۾ عام ڳالهه ٻولهه جو امتحان پاس نه ڪندو. سنڌي ٻوليءَ جي عالم ڳالهه ٻولهه جو امتحان هيٺين ريت ورتو ويندو:

هڪ ڪاميٽي جوڙي ويندي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي ڪيترن ئي ماهرن کي شامل ڪري سگهجي ٿو، ان ۾ گجراتي، مراٺي يا فارسيءَ جي ترجمان طور امتحان پاس ڪيلن کي به شامل ڪيو ويندو. اميدوارن کان هيٺين شعبن ۾ امتحان ورتو ويندو:

- هو عام رواجي سنڌيءَ ۾ سندس گفتگو ٻڌندا.
- ڪيس چيو ويندو ته هن سنڌيءَ ۾ جيڪا عام رواجي جي گفتگو ڪئي آهي، ان کي لکي ڏيکاري.
- ڪيس چيو ويندو ته منشيءَ طرفان چيل عام رواجي سنڌي لفظن کي انگريزيءَ ۾ پيش ڪري.
- منشيءَ کي ڪنهن به درخواست يا قاعدي يا سرڪاري پڌرنامي بابت سنڌي ٻوليءَ ۾ هدايتون جاري ڪري.
- منشيءَ طرفان اصطلاحي جملن جي سنڌيءَ مان انگريزي ۽ انگريزيءَ مان سنڌي ٻوليءَ ۾ زباني ترجمو ڪري ٻڌائڻ.
- امتحان ۾ سنڌيءَ لاءِ استعمال ٿيندڙ صورتخطي ۽ اميدوار جي مرضيءَ مطابق هوندي.“(٦)

هن پڌرائي جو مقصد اهو هو ته سنڌ ۾ رهندڙ يوروپي ۽ ٻيا پڙ ڏيهي عملدار سنڌيءَ ۾ امتحان پاس ڪن، جيئن هو سنڌي ماڻهن کان پنهنجي سر حال احوال وٺي سگهن، ۽ سنڌي لکپڙهه به سمجهي نيڪال ڪن. بهرحال، ٦ سيپٽمبر ١٨٥١ع وارو بارٽل فريئر جو اهو فيصلو مڪمل طور تي لاڳو ٿي نه سگهيو . البتہ ايترو ضرور ٿيو ته ڪجهه وڏيڪ عملدارن امتحان پاس ڪري ورتو.





## عربي سنڌي صورتخطي جو نفاذ ۽ عملدارن جي امتحان ۾ سولائي:

٨ ڊسمبر ١٨٥٢ع تي بورڊ آف ڊائريڪٽرس پنهنجا ويچار ڏياري موڪليا، جنهن ۾ واضح طور عربي-سنڌي صورتخطيءَ جي حمايت ٿيل هئي، سنڌ حڪومت عربي-سنڌي صورتخطي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪري چڪي هئي. سر ايلس برو، انتهائي ذهانت سان مقامي عالمن تي ٻڌل هڪ ڪاميٽي جوڙي، جنهن کي نئين الف-ب جوڙڻ جي ذميواري ڏني ويئي. ڪاميٽي هن ڏس ۾ ڪافي ڪم ڪيو هو، مثال طور ڪاتبن جا موجود نسخا به گڏ ڪيا ويا، جنهن ۾ ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جوڙيل ’سنڌيون‘ ذڪر جوڳيون آهن. مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جي جوڙيل الف-ب، ان سڄي پروگرام ۾ اهم هئي. مخدوم ابو الحسن کان پوءِ سندس ننڍن همعصرن جيڪا الف-ب جوڙي هئي ۽ انهيءَ ۾ لکيل ڪتاب به اڀياس هيٺ آيا. ان کان علاوه سيد ثابت علي شاهه جا مرثيا شامل هئا. نيٺ سنڌي عربي رسم الخط کي ١٣ جولاءِ ١٨٥٣ع ۾ رائج ڪيو ويو.

’الف_ ب‘ جي مقرر ٿيڻ کانپوءِ بارٽل فريئر رٿ ڏني ته آئيندي سرڪاري نوڪري ۾ ترقي تڏهن ملي سگهندي، جڏهن سرڪاري ملازم کي سنڌي زبان لکڻ ۽ پڙهڻ ايندي. انگريز آفيسرن کي سنڌي زبان سان شناسا ڪرڻ لاءِ سر ايلس، ڪيپٽن اسٽئڪ جي نامڪمل گرامر ۽ لغت جي تڪميل جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو ۽ ان کانسواءِ هن سرڪار جي طرفان، انهن عملدارن لاءِ هڪ سو روپين جي انعام جو اعلان ڪيو، جيڪي سنڌي ٻولي جو لکت ۾ امتحان پاس ڪندا. هن اعلان جو وڏو اثر پيو ۽ سنڌ جي پنجويهن انگريز عملدارن ٿوري وقت ۾ سنڌي زبان جو لکت وارو امتحان پاس ڪري ورتو. سر بارٽل فريئر پنجيتاليهه امتحاني مرڪز کولڻ جو حڪم ڏنو، جتي سال ۾ به ڀيرا سنڌيءَ جو امتحان ورتو ويندو هو، ۽ هر مرڪز تان پهريان ٽي نمبر حاصل ڪندڙ کي اسڪالرشپ ۽ سرڪاري ملازمت جي آڇ ڏني ويندي هئي. نتيجو اهو نڪتو ته سنڌي زبان ڪجهه سالن اندر هيٺين انتظامي سطح تي انگريزي ٻولي بدران واهپي ۾ آئي. پنجيتاليهن امتحاني مرڪزن مان پاس ٿيندڙ ۽ اسڪالر شپ حاصل ڪندڙ، انگريزي تعليم طرف وڌيا ۽ ڪلرڪ يا ٻيا ننڍا سرڪاري عهدا حاصل ڪرڻ لڳا.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## ڪليڪٽرن کي سرڪاري خط:

انگريزن جي دؤر ۾ سنڌ ۾ سرڪاري سطح تي سنڌي ٻولي کي پهريون دفعو دفتري ٻولي جو درجو مليو. سرڪاري ٻولي طور عدالتن، روينيو کاتي، پوليس ۽ ٻين عام واسطي وارن ڪمن ۾ سنڌيءَ ۾ لکپڙهه کي لازمي قرار ڏنو ويو. نہ فقط اهو پر، پرڏيهي عملدارن لاءِ سنڌ ۾نوڪري ڪرڻ واسطي سنڌي زبان ۾ امتحان پاس ڪرڻ بہ لازمي قرار ڏنو ويو. سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪليڪٽرن کي خط لکي هدايت ڪئي وئي تہ پنهنجي پنهنجي حدن ۾سنڌيءَ جي استعمال جي خاطري ڪرائين ۽ رپورٽ ڪمشنر آفيس ڏانهن موڪلين. ۱۸ ڊسمبر ۱۸۵۴ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر، پنهنجي سڀني ماتحت عملدارن ڏي هڪ سرڪيولر جاري ڪيو تہ هو پنهنجي پنهنجي حدن ۾سنڌيءَ جي استعمال کي يقيني بنائين ۽ رپورٽ ڪمشنر آفيس ڏانهن موڪلين. سندس خط ۾ گهر ڪئي وئي تہ هو پنهنجي عملدارن جي هيٺين معلومات ڏياري موڪلين:

i. عملدار پنهنجي آفيسن ۾عام طور تي سرڪاري معاملن لاءِ ايندڙ سنڌين سان ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن؟

ii. ڇا عملدار سنڌي سمجهڻ جا اهل ٿي ويا آهن، ۽ هو ڪم ڪار لاءِ سنڌين واري لهجي ۾ ٻنان ڪنهن ترجمان جي مدد سان سنڌي سمجهي سگهن ٿا؟

iii. انهن سوالن جي جواب ۾ هر هڪ عملدار جي روزانہ سرڪاري ڪارونهوار سنڌي ٻولي ۾ هلائي ۽ اهو بہ ٻڌائي تہ هن سنڌي جو امتحان پاس ڪيو آهي يا نہ؟

۹ اپريل ۱۸۵۵ع تي، سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر ، بمبئيءَ جي گورنر کي خط لکيو، جنهن ۾ هن سنڌ جي آفيسن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نفاذ جي مڪمل رپورٽ پيش ڪئي. هن رپورٽ ۾ ٻڌايو تہ: ”سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڄاڻيندڙ ڪئپٽن اسٽئڪ ۽ ليفٽيننٽ برٽن هئا، جيڪي ٻئي سنڌ کي ڇڏي چڪا آهن. پهريون آفيسر هنديءَ جي معلومات ۾ ماهر هو ۽ ٻيو عربي گرامر کي ڄاڻيندو هو. شروع ۾ ڪئپٽن مارسٽن ۽ مسٽر آرٿر يورپي عملدار هوندا هئا، جن کي سنڌيءَ جي چڱي ڄاڻ هوندي هئي. ڪراچي پوليس جو عملدار ليفٽيننٽ آرٿر پهريون عملدار هو، جنهن آڪٽوبر ۱۸۵۲ع ۾





سنڌي ترجمان جو امتحان پاس ڪيو. سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪو بہ معياري خط مقرر ڪو نہ هوندو هو، جنهن ڪري منشين کي بہ سمجهڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي.“هن خط ۾ سنڌ جي ڪمشنر ، سڄي سنڌ جي ۲۵ سول عملدار، جاگير کاتي جي عملدار ۽ پوليس جي ڪئپٽن سميت سنڌيءَ جي امتحان جا انگ اکر ڏنا، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا: .“(۷)

| عملدار | پاس ڪيل | | منشيءَ جي مدد کان سواءِ سان سنڌي ڳالهائي سگهڻ وارا | منشيءَ جي مدد سان سنڌي ڳالهائي سگهڻ وارا |
|---|---|---|---|---|
| | ترجمان وارو امتحان | عام ڳالهه ٻولهه وارو امتحان | | |
| ڪراچي | ۱ | ۳ | ۵ | ۱ |
| حيدرآباد | ۱ | ۱ | ۲ | ۴ |
| شڪارپور | ۱ | ۶ | ۶ | ۱ |
| پوليس آفيسر | ۲ | ۱ | ۴ | ۰ |
| جاگير کاتو | ۱ | ۱ | ۲ | ۰ |
| ڪُل | ۶ | ۱۲ | ۱۹ | ۶ |

انگريز سرڪار طرفان پنهنجن ملازمن لاءِ اهو لازمي قرار ڏنو ويو تہ اهي سنڌي ٻولي سکن، ان ۾ امتحان ڏئي ڪاميابيءَ جو سرٽيفڪيٽ پيش ڪن. ٻيءَ صورت ۾ سندن پگهار روڪي ويندي. جيڪي ملازم سنڌي ٻوليءَ جو امتحان جيستائين پاس نہ ڪندا هئا، تيستائين سندن پگهار بند هوندي هئي. هڪ ملازم هرومل جهرڪن جي ڊپٽي ڪليڪٽر کي لکي ٿو تہ ”جيئن تہ هن کي سنڌي سکڻ ۾ ڪنهن سبب ڪري دير ٿي آهي، ان ڪري هن سندس پگهار روڪي سرڪاري خزاني ۾ امانت طور رکي وئي آهي. ملازم گهر ٿو ڪري تہ جيئن تہ هو هاڻي سنڌي ٻولي سکي، ان جو امتحان ڏئي چڪو آهي، تنهنڪري مختيارڪار کي هدايت ڪئي وڃي تہ امانت پيل سندس پگهار ڪيس ادا ڪئي وڃي.(ڏسو ضميمو نمبر ۲) جيڪي عملدار سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪندا هئا، انهن کي ضلعي ڪليڪٽر پاران ’سرٽيفڪيٽ امتحان ڪامورن بابت‘ ڏنو ويندو هو. هتي نموني طور تي شڪارپور جي وقتي ڪليڪٽر مسٽر ليونل دانشتر وليم جي صحيح سان منشي محمد نعيم کي نومبر ۱۸۶۴ع ۾ پاس ٿيڻ تي ڏنل سرٽيفڪيٽ جو نقل ڏجي ٿو. (ڏسو ضميمو نمبر ۳)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي ٻولي جي سرڪاري نفاذ ۾ دفتري معاملن ۾ خود انگريز سرڪار کي فائدو پيو. هو وقت به وقت سرڪاري اشتهار ۽ پڌرايون، سرڪاري خبرون، خط ۽ ٻيو مواد فارسيءَ ۽ انگريزي ۾ جاري ڪندا هئا، جن کي مڃڻ ۽ پوئواري ڪرڻ عوام لاءِ لازم هوندو هو. پر پوءِ اهي ساڳيا خط سنڌيءَ ۾ جاري ڪرڻ لڳا. پر جيئن ته سنڌ ۾ صدين کان فارسيءَ جو گهڻو اثر هو، ان ڪي عوام فارسيءَ ۾ درخواستون ۽ خط پڻ لکي آڻيندا هئا. سن ۱۸۵۷ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر سربارٽل فريئر هڪ پڌرائي جاري ڪري، فارسي تي پابندي مڙهي ڇڏي ۽ عرضدارن لاءِ لازم ڪيو ته هو پنهنجون درخواستون سنڌيءَ ۾ لکي موڪلين . جيڪڏهن فارسيءَ ۾ لکڻ جو لاچار هجي ته پوءِ به سنڌيءَ ۾ ترجمو موڪليو وڃي. سنڌيءَ کان سواءِ ٻي ڪنهن به درخواست کي نه ٻڌڻ جو چتاءُ ڏنو ويو. ان سرڪاري حڪم نامي جي ٻولي اصلوڪي، سولي ۽ وڻندڙ آهي. پڌرنامي جو عڪس ۽ مواد هيٺ ڏجي ٿو:

ڪَمِشَنر صاحَبِ بَهادُر سِنڌُ جي دَربار مَنجهان سَيني ماڻهن چڱن ۽ مَتَنَ رَهندَڙَن سِنڌ جي ڪي سُڌ ٿي ڏِجي تَہ ڪيتَرا عَرضَدار عَريضِي پهچي نَهاوُلَهن لاءِ حُضُور ڏانهه ٿَا مُوڪَلين تِن مَنجهَان ڪي فارسي ۾ ڪي سِنڌي ۾ ٿَا لِکَن اُهَا ڳَال نَا مُوچَاري آهي. تِنهنڪَري جهِ ڪِنهنڪي عَريضي وَاسطي ٿيڻ نِهاوجي حُضُور ڪَمِشَنر صَاحَبِ بَهادُر سِنڌ جي دَربار مَنجهه عرضَ رَکڻي هُجي تَہ سِنڌي وَائي ۽ عَربي اکَرن ۾ لِکي مُوڪَلي جيڪَڏهيل ڪهِ سَبَبَ ڪانَ فارسي عَريضي لَکڻَ ضَرور ڄاڻي تَہ اُن فارسي عَريضي سَاڻ تَرجمو سِنڌي ۾ پڻ ڪَرِي مُو ڪَلي تَہ ٻُڌَڻ ۾ اِينديِ بس تاريخ ۲۹ مهينو آگسٽ سن ۱۸۵۷. ”(ڏسو ضميمو نمبر ۴)

سنڌي ٻولي کي سنڌ ۾ دفتري زبان بڻائڻ لاءِ سنڌ جي ڪمشنر ۲۵ مارچ ۱۸۵۷ع تي سنڌ جي ڪليڪٽرن ڏانهن حڪم نامو موڪليو ته روينيو ۽ عدالتن ۾ رڳو سنڌي ٻولي استعمال ڪئي وڃي. ۱۲ اپريل ۱۸۵۷ تي اهو لازمي قرار ڏنو ويو ته سنڌ ۾ سرڪاري ملازمت لاءِ درخواست ڏيڻ وقت تعليم ڪاتي طرفان جاري ڪيل ’سنڌي پاس‘ سرٽيفڪيٽ ضرور پيش ڪن. امتحان ملازمن کي ساليانو انڪريمينٽ ڏيڻ يا پگهار ۾ اضافي جو ذريعو پڻ هوندو هو. نتيجي طور سنڌ جي ڪليڪٽرن (ڪراچي، حيدرآباد ۽ شڪارپور) ۽ سياسي ناظم اتر سنڌ، ڪمشنر سنڌ کي ۱۲ ڊسمبر ۱۸۵۷ع





تائين اطلاع ڪيو ته سنڌي مڪمل طور عدالتي ۽ روينيو دفتر جي ٻولي ٿي چڪي آهي ۽ ڪمشنر ۲۸ ڊسمبر ۱۸۵۸ع تي بمبئي سرڪار کي اطلاع موڪليو ته سنڌ صوبي ۾ سنڌيءَ کي دفتري ٻولي بڻايو ويو آهي. نارائن جڳن ناٿ جنهن جي نالي تي ڪراچيءَ ۾ N.J.V اسڪول به آهي، ان جڏهن سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪيو ته سندس پگهار ۾ واڌارو ڪيو ويو هو. ۳۰ جون ۱۸۵۸ع تي انڊين حڪومت پنهنجي خط نمبر ۱۰۲۰ ۾ ڄاڻايو ته سنڌ جي ڪمشنر جي سفارش تي نارائڻ جڳن ناٿ جي سنڌي ٻوليءَ جي امتحان پاس ڪرڻ جي ڪري ماهوار ۲۰ روپيا پگهار مقرر ڪئي وئي آهي. خانبهادر حسن علي آفنديءَ ۽ ڏيارام ڄيٺمل سنڌي ٻوليءَ جي ڏِي تي وڪالت جا امتحان پاس ڪيا ۽ مشهور وڪيل ٿيا.

## سنڌي ٻوليءَ جي امتحان جا قسم:

آفيسرن کان سنڌي ٻوليءَ جو امتحان جيمس ڪوڊ نمبر ۲۳۹ جي صفحي نمبر ۸۲۴ تي درج ٿيل طريقي مطابق ورتو ويندو هو. امتحان جا هيٺيان ٻه قسم هئا:

۱. عام سنڌي ڳالهه ٻولهه جو امتحان ( Examination in colloquial Sindhi)

۲. ترجمان جو امتحان ( Examination for Interpreter)

هنن ٻنهي امتحانن جي لاءِ مڪمل هدايتون جاري ٿينديون هيون ۽ امتحان جي طريقه ڪار ۽ سوالن جو باقاعده چارٽ ٺاهي اميدوار کي ٻڌايو ويندو هو. ان سلسلي ۾ گهڻو ڪري هيٺ ڏنل سوالن جي آڌار تي امتحان ورتو ويندو هو:

۱. سنڌيءَ مان انگريزيءَ ۾ ڪجهه جملن جو ترجمو

۲. سنڌيءَ ۾ لکيل درخواست جو انگريزيءَ ۾ ترجمو

۳. سنڌيءَ مان ڪنهن مقدمي جي قانوني ڪاروائي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو

۴. سنڌي ٻوليءَ جي گرامر جي ڄاڻ

۵. عام سنڌيءَ ۾ گفتگو

۶. ڪنهن سنڌي آڪاڻي کي ٻڌي ، ان مان گهربل سوال ۽ جواب ڏيڻ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

امتحاني ڪورس ۾ سنڌي پهاڪا ۽ سنڌي جملن جو انگريزي ۾ ترجمو ۽ انگريزي جملن جو سنڌي ۾ ترجمو شامل هوندو هو.

جولاءِ ١٨٥٣ع تائين مضمون لکڻ لاءِ ڪين اجازت هوندي هئي ته هو کهڙو به خط استعمال ڪن، پر بعد ۾ عربي سنڌي رسم الخط تي زور هوندو هو . اڳتي هلي ڪورس ۽ امتحان وٺڻ جي طريقي ۾ به فرق ايندو رهيو. ان سلسلي ۾ ميرزا ڪاظم رضا بيگ، ميرزا علي محمد بيگ جي حوالي سان لکيو آهي ته: ”ميرزا علي محمد بيگ ’مظفر‘ شاعر ۽ اديب هو. حياتيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ پنهنجي دور جي واقعن کي ڪتابي شڪل ڏنائين، جنهن جو نالو رکيائين ’يادگيريون‘ ان ۾ هڪ هنڌ لکي ٿو ته: ”انگريزن جي سنڌ فتح ڪرڻ کان پوءِ فوج جا جيڪي به عهديدار ڪئپٽن هئا، سي ڪليڪٽر ٿي ايندا هئا، ۽ ان وقت ۾ سنڌ ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو سڪو هلندو هو. انگريزن جڏهن انڊين سول سورس جو سرشتو قائم ڪيو تڏهن I.C. S. پهرين اسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ پوءِ ڪليڪٽر ٿيندا هئا ۽ I.C. S وارن لاءِ پهرين لوئر اگزمنيشن ٿيندو هو، تنهن کان پوءِ هائر اگزمنيشن ٿيندو هو. جنهن بعد ڪين ڊيويزن جي چارج ملندي هئي ۽ ان کان پوءِ هو سنڌيءَ ۾ امتحان ڏيندا هئا. انهن انگريزن جو امتحان مرحوم نجم الدين صاحب منشي حيدرآباد جو دفتردار ۽ خان صاحب خداداد خان پٺاڻ وٺندا هئا .“(٨)

## عملدارن جو امتحاني سلسلو:

سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ڪامورن ۽ ٻين ملازمن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻ ضروري هوندو هو، ڇاڪاڻ ته هو سنڌ جو سمورو سرڪاري ڪاروهنوار سنڌيءَ ۾ هلائيندا هئا. ان سلسلي ۾ روينيو، پوليس، قانون، ڪورٽون، ضلعي عملدار، تعليم جا سربراه، ۽ ٻين کاتن جا اعليٰ عملدار سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪندا هئا. مختلف دورن ۾ مختلف ڪميٽيون جوڙيو وينديون هيون، جيڪي سنڌن امتحان وٺنديون هيون. اهڙا ڪجهه مثال، مرزا قليچ بيگ جي ڪتاب ’سائو پن ڪارو پنو‘ مان به ملن ٿا. هو لکي ٿو ته:

٢- اپريل: آءٌ ڪراچي ويس، جو ڪن يورپي آفيسرن جو سنڌيءَ ۾ امتحان وٺڻو هوم، جنهن لاءِ ڪمشنر صاحب مون کي لکيو هو. ٿي ڏينهن سانده، اُنهيءَ ڪم





سانگي فريئر هال ۾ وڃڻو پيو.

١٣- اپريلِ امام علي شاهه (نوڪر) ڪي ساڻ وٺي ڪراچيءَ ويس، جو اُتي ڪن يورپين آفيسرن جو سنڌيءَ ۾ امتحان وٺڻو هو، جنهن لاءِ ڪمشنر صاحب سڏايو هو. نادر بيگ وٽ رهيس.

٢٥- آڪٽوبر ڪمشنر صاحب جي حڪم مطابق ڪراچيءَ ويس، جو اتي ڪن يورپين آفيسرن جو سنڌيءَ ۾ امتحان وٺڻو هو. ٢٦- تاريخ کان ڪم شروع ٿيو.“(٩)

اهڙي ريت اڳتي هلي سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪري سنڌس اڳوڻي حيثيت ۾ بحاليءَ لاءِ جڏهن تحريڪ زور ورتو ته مرڪزي سرڪار ١٩٣٥ع ۾ هڪ ائڪٽ پاس ڪري سنڌ کي محدود صوبائي خودمختياري ڏني وئي. ١٩٣٥ع جي ائڪٽ موجب انگريزي گڏيل هندوستان جي دفتري ٻولي هئي. ان ائڪٽ موجب ١٩٣٦ع ۾ سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان ڌار ڪيو ويو. هن عرصي ۾ پرائمري تعليم سان گڏ سيڪنڊري ۽ هائير سيڪنڊري تعليم گهڻي ترقي ڪئي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جي ڪوشش سان ١٩٣٧ع ۾ بي. اي ۾ سنڌيءَ جو مضمون شروع ڪيو ويو . ١٩٣٨ع تائين تعليم کاتو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر جي ماتحت ڪم ڪندو هو ۽ آفيسرن کي سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪرڻ ۾ وڌيڪ محنت ۽ ڪورس پاس ڪرڻ جي ضرورت پوڻ لڳي. سنڌ ۾ هر غير سنڌي ڪاموري لاءِ سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪرڻ ضروري هوندو هو

## امتحان پاس ڪرڻ لاءِ مددي ڪتاب:

ان قانون تحت امتحاني سلسلو ١٩٤٧ع تائين هلندو آيو ۽ پڻ پاڪستان ۾ هن بل پاس ٿيڻ واري ڏينهن به سنڌيءَ جي ساڳي حيثيت هئي. شروعاتي ڏينهن ۾ آفيسرن کي امتحان پاس ڪرڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتاب ميسر ڪو نه هئا، جنهن ڪري ڪين امتحان پاس ڪرڻ ۾ گهڻي ڏکيائي ٿيندي هئي. ان سلسلي ۾ سڀ کان اول ڪئپٽن جارج اسٽئڪ اهم ڪم ڪيو. سنڌس سنڌي زبان جي پهرين لغت English and Sindhi Dictionary آمريڪن مشن پريس بمبئي مان ١٨٤٩ع ۾ شايع ٿي. هيءَ ڊڪشنري ان دور جي انگريزن جي سنڌي امتحان پاس ڪرڻ لاءِ اڪيلو ريفرنس (حوالاتي) ڪتاب هوندو هو. اهو ئي سبب آهي ته بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر پنهنجي ٢٤ اپريل ١٨٤٨ع واري حڪم نامي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۾ اهو بہ لکيو تہ ’آئون سمجهان ٿو تہ سندن امتحان جي تياريءَ لاءِ ليفٽيننٽ اسٽئڪ جي جوڙيل ڊڪشنري ۽ گرامر سهوليت مهيا ڪندا، انهن ڪتابن جي ڇپائي جي منظوري ڏجي ٿي.‘ ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو سنڌي گرامر آگسٽ ۱۸۴۹ع ۾ آمريڪن مشن پريس، بمبئيءَ پاران شايع ٿيو. هي ڪتاب انگريزي زبان ۾ لکيل آهي ۽ ان ۾ سنڌي لفظن لاءِ ديوناگري رسم الخط استعمال ڪيل آهي. ڪئپٽن اسٽئڪ جو گرامر سنڌي ادب جي تاريخ جي حوالي سان بہ اهم آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌي لوڪ ڪهاڻيون پڻ ڏنيون ويون آهن. پهريون چار آکاڻيون نثر ۾ ڇپيل آهن پر راءِ ڏياچ جي آکاڻيءَ ۾ نثر ۽ نظم جو ميلاپ آهي. ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جو ٽيون ڪتاب A Dictionary of Sindhi English آهي . مسلسل ڪم ڪرڻ جي ڪري هو بيمار ٿي چڪو هو، جڏهن ڊڪشنريءَ جا صرف ۱۲۰ صفحا اڃا مس ڇپيا هئا تہ سنڌي ٻوليءَ جو هيءُ عاشق ۹ ڊسمبر ۱۸۵۳ع تي وفات ڪري ويو. بهرحال، سندس ڊڪشنري جو باقي حصو گڏ ڪري، ۱۸۵۵ع ۾ مسٽر بي ايڇ ايلس، سنڌ جي تعليم کاتي جي انچارج شايع ڪرايو. جارج اسٽئڪ جي وصيت موجب ڊڪشنريءَ کي ديوناگري خط ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڪتاب جي مهاڳ ۾ مسٽر ايلس لکيو آهي تہ ”اميد تہ هيءَ ڊڪشنري شاگردن، فوجي عملدارن ۽ سول عملدارن لاءِ تمام گهڻو لاڀائتي ثابت ٿيندي، پر انهن لاءِ اڃا بهتر ثابت ٿيندو، جن کي ديوناگري لپيءَ جي ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي.“(۱۰)

ڪئپٽن جارج اسٽئڪ کان پوءِ ڪيپٽن اي. پي آرٿر، آفيسرن جي امتحان جي سهوليت خاطر ’دوساياڻي جا جملا‘ ڇئن ٻولين ۽ ڇئن ڪالمن ۾ ارد شير پارسيءَ جي ڇاپخاني مان ليٿو ۾۱۸۵۲ع ۾ ڇپرايا. ڪتاب ۾فوجي، طبي، قانوني ۽ روزمره جي استعمال جا لفظ ۽ جملا ڏنل آهن . هي ڪتاب ڪيپٽن آرٿر ، منشي غلام عليءَ جي مدد سان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. هي ڪتاب انتهائي معلوماتي هو، انگريز عملدارن لاءِ مفيد هو. ۱۸۶۱ع ۾ديوان اڌارام جو ڪتاب ’مفيدالطالبين‘ ڪراچيءَ مان شايع ٿيو. هي هڪ ائنگلو ورنيڪيولر ڪتاب آهي، جنهن جي وسيلي انگريزي گرامر ڄاڻندڙ لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ سولي ٿي پئي. ساڳئي وقت سنڌي گرامر ڄاڻندڙ کي انگريزي ٻولي سکڻ ۾ سولائي ٿي پئي. هن ۾ تصويرن ذريعي گرامر جا قاعدا، سولين سنڌي ڪهاڻيون ۽ دوساياڻي جي جملن کي سڌاري لکيو ويو آهي. انهيءَ ڪتاب جو نالو انگريزي ۾ ’Oodhoram's Guide‘ (اُڌارام گائيڊ) ۽ سنڌيءَ ۾ ’مفيد الطالبين‘ (شاگردن





کي فائدو ڏيندڙ) آهي. ديوان پريداس آنند رام رامچنداڻي (۱۸۳۰-۱۸۸۱ع) پهريون سنڌي عالم هو، جنهن انگريزيءَ تي عبور حاصل ڪيو ۽ انگريزن کي سنڌي سيکارڻ لڳو. روچيرام گجومل ڪرپالاڻي (۱۸۰۴-۱۹۰۱ع) جو تعلق حيدرآباد سان هو. هو اسسٽنٽ ٽرانسليٽر جي ملازمت تي فائز هو. آکاڻين، پهاڪن ۽ لغت سميت ڪيترائي ڪتاب لکيائين. هي صاحب لوڪ ادب، پهاڪن ۽ آکاڻين جي تاريخ ۾ وڏو نالو رکي ٿو. سندس باري ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ ’روچيرام گجومل ڪرپالاڻي، جيڪو انگريز عملدارن کي سنڌي پڙهائيندو هو، تنهن اَٺ سؤ کن سنڌي پهاڪا انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ۱۸۹۲ع ۾ ڇپائي پڌرا ڪيا. ڪتاب جو نالو رکيائين ”A Hand Book of Sindhi proverbs“ اِهو ڪتاب ايترو تہ پسند پيو عوام ۾، جو اُنهيءَ جا پوءِ چار ڇاپا ڇپيا.“(۱۱) ديوان ڪيولرام سلامتراءِ آڏواڻي (۱۸۰۹- ۱۸۷۶ع) اصل روينيو کاتي ۾ منشي ٿي گهڙيو، ۽ آخر پنهنجي محنت ڪري مختيارڪار ٿيو. هو انگريز عملدارن جا امتحان وٺندو هو . رٽائرمينٽ کان پوءِ وقت ڪتابن لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ صرف ڪيائين. سنڌيءَ ۾ ٽي ڪتاب لکيائين: ’سوکڙي‘، ’گل يا گلقند‘ ۽ ’گل شڪر‘. اهي ٽيئي ڪتاب ڏاڍا وڻندڙ آهن. اهڙي طرح ٻيا بہ ڪيترائي ڪتاب بعد ۾ شايع ٿيا، جن سان انگريز عملدارن کي امتحان ڏيڻ ۾ سهوليت پيدا ٿي.

ڊولامل بولچند ، جيڪو ان وقت حيدرآباد جنرل لائبريريءَ ۾ لائبريرين هو، تنهن ۱۹۰۱ع ۾ آفيسرن جي امتحان لاءِ ’سنڌي مينوئل‘ (Manual of Sindhi) تيار ڪيو. هن هڪ ’سنڌي-انگلش ڊڪشنري‘ تيار ڪئي، جيڪا ۱۹۱۰ع ۾ شايع ٿي. ’سنڌي مينوئل‘ کي بعد ۾ سنڌي لئنگيئج اٿارٽي محمد ابراهيم جويي صاحب کان تصحيح ڪري شايع ڪيو. آفيسرن جي امتحاني تياري لاءِ ۱۹۰۶ع ۾ منشي آر.اي. اندرام جو ’دي سنڌي انسٽرڪٽر‘ ( The Sindhi Instructor) شايع ٿيو. هن ڪتاب کي سنڌي لئنگيئج اٿارٽي محمد ابراهيم جويي صاحب ۲۰۰۷ع ۾ تصحيح ڪري شايع ڪيو. ان کان علاوه ٻيا ڪيترائي ڪتاب پڻ ان سلسلي ۾ شايع ٿيا، خاص طور تي قانوني ڪتاب وڏي پيماني تي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. آفيسن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن لاءِ سنڌي لفظ جوڙيا ويا. ۱۹۳۱ع ۾ تڏهوڪي سنڌ جي ڪمشنر جي حڪم تي، ڊپٽي ڪليڪٽر راءِ بهادر چينراءِ بولچند، آفيسن ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاحن جي لغت A Glossary of



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

Sindhi Words in Common Use in Official Correspondence تيار ڪئي، جنهن سان آفيس ۾ ڪم ڪندڙن کي سنڌي ۾ لکڻ ۾ سولائي ٿي پئي. هن ڪتاب ۾ انگريزي لفظ، ان جو رومن ۾ لکيل سنڌي آواز ۽ سنڌي ۾ معنيٰ ڏنل آهي.اهڙي طرح انگريز عملدارن جي سهولت خاطر سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪي گائيڊبون پڻ تيار ڪيون ويون. هن ئي دور ۾ سرڪار اهو ضروري سمجهيو ته مرڪزي قاعدن ۽ قانون ڪي پڻ انگريزي سان گڏ سنڌي ۾ ترجمو ڪري شايع ڪيو وڃي، جنهن سان صوبي ۽ مرڪز ۾ مفاهمت وڌي، جنهن جو هڪ نمايان ڪارنامو ۱۸۷۲ع واري ايڪٽ جو سنڌي ۾ ترجمو آهي، جيڪو انگريزي ايڪٽ پاس ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ سال اندر ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. ان وقت سرڪاري مشينري ۾ ڇپائي جي سهولت نه هوندي به سنڌي ترجمي ڪي وڏي احتياط سان ڪاتب ڪان لکرائي سهڻي نموني ليٿو ۾ ڇپرايو ويو.

## آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ امتحان جا مسئلا:

۱۹۴۷ع جي آزاديءَ واري ائڪٽ هيٺ ٻوليءَ بابت ڪو به مسئلو ڏنل ڪو نه هو، ڇاڪاڻ ته ۱۹۳۵ع وارو ائڪٽ اڃان مڪمل ختم ڪو نه ٿيو هو. تنهنڪري ساڳئي تسلسل هيٺ سنڌيءَ ڪي مرڪزي حيثيت حاصل هئي ۽ آفيسرن لاءِ لازم هو ته سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪن. رسول بخش انڙ لکي ٿو ته: " ۱۹۵۶ع جي دستور موجب آرٽيڪل ۲۱۴ تحت اردو ۽ بنگالي کي مرڪزي سرڪار جون سرڪاري ٻوليون (يعني انگريزي جي جاءِ تي) بڻايو ويو. جيئن ايوب خان ڏنڊي جي زور تي صدارت جي ڪرسي والاري تيئن اردو کي به ترقي ڏيئي قومي ٻولي بڻايو ويو. ايوب خان ڪامورن جي ڪڙم جو چڱو مڙس هو. اردوءَ ۲۵ سال ڪامورن کي وندرايو آهي. وري عارضي آئين جوڙيندڙن به قومي ۽ سرڪاري ٻوليءَ ۾ فرق ڪيڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي. جيتوڻيڪ ۱۹۴۷ع، ۱۹۵۶ع، توڙي ۱۹۶۲ع واري دستور ۾ سنڌيءَ بابت ڪجه به لکيل نه آهي پر تنهن هوندي به سنڌيءَ جي حيثيت ۽ مرتبي تي ڪو به اثر ڪو نه پيو ڇاڪاڻ ته سنڌي، سنڌ اندر عدالتي ۽ دفتري ٻولي هئي، ۽ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جو فيصلو قائم هو. اهو به چيو ٿو وڃي ته ۱۹۵۴ع واري دستوري خاڪي ۾ سنڌيءَ جي حيثيت ڇٽيءَ طرح ميڄي وئي هئي ."(۱۲) ۱۹۴۸ع ۾ ڪراچيءَ کي مرڪزي گادي قرار ڏئي انتظامي طور سنڌ کان





ڌار ڪيو ويو، پوءِ جيئن ته مقامي آبادي جو وڏو حصو سنڌي هو تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جي ساڳي حيثيت برقرار رهي. پر ون يونٽ ٿهڻ بعد مرڪزي سرڪار سنڌيءَ جي حيثيت کي گهٽائڻ لاءِ قدم کنيا. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو آهي ته:
"ڪراچي يونيورسٽيءَ، پنهنجي قائم ٿيڻ کان هڪدم پوءِ، هڪ حڪم نامي تحت، سنڌي ٻوليءَ جي، ڪراچي ۽ ان جي آس پاس واري خطي ۾ ذريعه تعليم ۽ امتحان جي ذريعي طور ڪم اچڻ واري حيثيت، ختم ڪري ڇڏي. ان کان سواءِ، ڪراچي سب ڊويزن (وفاق ۾ شامل خطي) واري علائقي ۾ قائم، سنڌي ميڊيم وارا سڀ اسڪول (۱۳۰۰) کن بند ڪري ڇڏيا ۽ انهن سنڌي اسڪولن جي جاءِ تي ، نوان اردو زبان جي ذريعه تعليم وارا اسڪول قائم ڪيا ويا ."(۱۳)

انهن مسئلن هوندي به سنڌي ڪورٽن، روينيو ، پوليس جي ايف. آءِ آر ۽ ٻين کاتن ۾ استعمال ٿيندي پئي آئي. ان سلسلي ۾ رسول بخش انڙ لکي ٿو ته: "اردو ڪٿي به سنڌ اندر عدالتي ٻولي ڪانه هئي ۽ ان جي برعڪس سنڌ سول ڪورٽس رولس ۱۹۵۴ع جي قاعدي ۳۳ پاڱي ۴ کي پڙهڻ سان معلوم ٿيندو ته سنڌ چيف ڪورٽ به سنڌيءَ کي عدالتي ٻوليءَ جي حيثيت سان قبول ڪيو آهي. (پڙهو فقرو ۳۳ پاڱو ۴) هر هڪ دعويٰ جيڪا ضلع يا ماتحت عدالت ۾ داخل ڪئي وڃي ۽ ان جي رقم ۵ هزار يا ان کان مٿي آهي ته انگريزي يا سنڌيءَ ۾ لکي ويندي ۽ سنڌيءَ جي حالت ۾ انگريزي نقل شامل ڪيو ويندو.

قاعدي نمبر ۸۲ ۾ آهي ته ڪاروائي عدالتي ٻولي سنڌي ۾ هلائي ويندي يا جيڪڏهن قانون اجازت ڏئي ته انگريزيءَ ۾. قاعدو نمبر ۹۵ نوٽيس ۽ سمن بابت آهي ۽ ان ۾ عدالتي ٻولي (سنڌي) ڊيڪاريل آهي. هنن فقرن تي عمل ٿيندو رهيو آهي ۽ ٿئي ٿو. ان کان علاوه سول سروس ڪلاسيفڪيشن قاعدا ۱۹۵۲ع جي قاعدي نمبر ۱۱ موجب هر غير سنڌي ملازم کي ملازمت ۾ گهڙڻ کان هڪدم بعد ٻن سالن اندر سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪرڻو هو. قاعدو ۱۰۱ جنهن ۾ چيل آهي: سڀ گزيٽيڊ ۽ نان گزيٽيڊ آفيسر نوڪري حاصل ڪرڻ کان پوءِ ٻن سالن اندر سروس ڪميشن جي نگرانيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪندا. مقرر ڪيل مدت ۾ امتحان پاس نه ڪرڻ جي حالت ۾ هن جي نوڪري ختم ڪئي ويندي. پر خاص حالتن ۾ سنڌ سرڪار اها مدت وڌائي سگهي ٿي پر وڌايل مدي دوران اهو ملازم نه ساليانو اضافي جو حقدار رهندو ۽ نه ترقي وٺي سگهندو."(۱۴)

## سنڌ سول سرونٽ جي زباني امتحان جو قانون - ١٩٦٣ع:

آڪٽوبر ١٩٥٨ع ۾ فيلڊ مارشل ايوب خان مارشل لا لاڳو ڪيو ۽ سنڌي زبان تي ٻيو وار ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ غير سنڌي شاگردن کي سنڌي زبان جو هڪ لازمي طور تي پيپر پڙهڻو پوندو هو، اهو ختم ڪيو ويو. ايوب خان جي ٺاهيل تعليمي ڪميشن، جيڪا شريف ڪميشن سڏجڻ ۾ آئي، ان خلاف سنڌي اديبن، عالمن، سخت اختلاف رکندي مادري ٻولي بچائڻ لاءِ زور دار تحريڪون هلايون. آخرڪار ١٣ آڪٽوبر ١٩٦٢ع تي مرڪزي حڪومت هڪ آرڊينس جي ذريعي سنڌي زبان کي انٽر تائين تعليم جي ذريعي طور قبول ڪيو. هن قانون تحت سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ اعليٰ عملدارن لاءِ لازمي هو تہ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪن. اهي امتحان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ۽ ٻيا نالي وارا استاد پڻ وٺندا هئا ۽ اميدوارن جي تياري ڪرائيندا هئا.

## سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال (سنڌ ايڪٽ ١٩٧٢ع):

جيتوڻيڪ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ انگريزن جي دور جو قانون موجود هو، پر ملڪ جي وزير اعظم جناب ذوالفقار علي ڀٽي سنڌي ماڻهن جي پراڻي گُهر کي مان ڏيندي سنڌ اسيمبليءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو بل پيش ڪرايو، جيڪو ٧ جولاءِ ١٩٧٢ع تي صوبائي اسيمبليءَ ۾ منظور ڪيو ويو. جنهن تحت ١٧ جولاءِ ١٩٧٢ع تي سنڌ اسيمبليءَ جي سيڪريٽري جمال ابڙي، اسپيڪر صوبائي اسيمبلي جي حڪم هيٺ پڌرائي جاري ڪئي.

ان بل کي ’سنڌ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، واڌارو ۽ استعمال) ائڪٽ ١٩٧٢ع‘ سڏيو ويو ۽ ڄاڻايو ويو تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل ٢٦٧ موجب سنڌي ٻولي کي قومي ٻولين جي حيثيت کي نقصان پهچائڻ کان سواءِ (سنڌ صوبي جي صوبائي ٻولي طور استعمال ڪيو ويندو .ان ائڪٽ ۾ اهو بہ واضح ڪيو ويو تہ جيئن تہ سنڌي ٻولي سرڪاري ڪاتن ۽ آفيسن ۾ استعمال ٿي رهي آهي ۽ جيئن تہ سنڌي ٻولي تعليمي ادارن ۾ پڙهائڻ لاءِ لازمي مضمون هئي، پر ان کي مارشل لا اختيارين جي زباني حڪم تي ختم ڪيو ويو ۽ جيئن تہ اها سنڌ صوبي جي فطري





آرزو ۽ خواهش آهي تہ سنڌي ٻولي جي سکيا ۽ استعمال کي ترقي ڏني وڃي، تنهن ڪري هي قانون ٺاهيو پيو وڃي.

ان ائڪٽ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ فقري ٤-١٥ ۾ اهو بہ واضح ڪيو ويو تہ: ”اهڙن سڀني ادارن ۾، جن ۾ چوٿين کان ٻارهين ڪلاس تائين تعليم ڏني پيئي وڃي، سنڌي ۽ اردوءَ کي لازمي مضمون جي حيثيت هوندي ۽ فقري ٤ (٢) ۾ اهو ڄاڻايو ويو تہ لازمي مضمون جي حيثيت ۾ سنڌي جي شروعات هيٺين سطح يعني چوٿين ڪلاس کان عمل ۾ آندي ويندي ۽ درجي بدرجي مٿين درجن ۾ ٻارهين ڪلاس تائين رائج ڪئي ويندي.

(٣) صوبائي ٻولي : سنڌيءَ کي سنڌ صوبي جي صوبائي ٻوليءَ جي طور تي استعمال ڪيو ويندو.

(٦) سنڌيءَ جو استعمال : حڪومت آئين جي فقرن جي دائري اندر رهندي آفيسن ۽ سرڪاري ڪاتن ۾ جن ۾ عدالتون ۽ اسيمبلي شامل آهن، سنڌي ٻوليءَ جي درجي بدرجي استعمال لاءِ انتظام ڪري سگهي ٿي“.(١٥)

هن بل ذريعي اردو ۽ سنڌي، ٻئي لازمي طور تي پڙهائڻ لاءِ رکيا ويا هئا، هن بل سان سنڌيءَ جيڪا دفتري ۽ عدالتي زبان آهي، اردوءَ کي بہ جاءِ ڏني ويئي. بل ذريعي ايسٽ انڊيا ڪمپني جي يڪراءِ فيصلي کي بہ ختم نہ ڪيو ويو هو. هن بل ذريعي ئي اردو، جيڪا سنڌ ۾ عدالتي ٻولي ڪانہ هئي، تنهن کي عدالتي ٻولي جو درجو ڏنو ويو. سنڌ ۾ رهندڙ شهري آبادي، خاص طور تي اردو ڳالهائيندڙن ان بل جي سخت مخالفت ڪئي ۽ وڏن شهرن ۾ لساني جهڳڙا ٿي پيا. نتيجي ۾ ان بل تي مڪمل طور عمل ڪرڻ کي روڪيو ويو.

سنڌي ٻولي آرڊيننس ذريعي سنڌي سِکڻ لاءِ ١٢ سالن جي مهلت ڏني ويئي. سنڌي ٻولي ايڪٽ ١٩٧٢ع ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ:

”(الف) ڪنهن بہ شخص سان، جيڪو ٻي صورت ۾ سول نوڪريءَ يا سنڌ صوبي جي معاملن جي بجا آوريءَ سان متعلق ڪنهن سرڪاري نوڪري تي تقرر يا ترقيءَ جو اهل هوندو، فقط ان ڪري فرق نہ رکيو ويندو جو ڪيس سنڌي يا اردو ٻوليءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ڄاڻ ڪانهي.

(ب) ڪنهن بہ شخص کي، جيڪو هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ بابت اڳ، سرڪاري نوڪري ڪري رهيو هو يا سنڌ صوبي جي معاملن جي بجا آوريءَ متعلق ڪنهن سرڪاري نوڪري تي ڪم ڪري رهيو هو، فقط ان ڪري نوڪريءَ کان ڌار نہ ڪيو ويندو جو سنڌي يا اردو ٻوليءَ جي ڄاڻ ڪانهي.“(١٦)

ان ايڪٽ هوندي بہ ٻارنهن سالن تائين ڇوٽ ڏني وئي. ان دور ۾ جڏهن اخبارون، ريڊيو، ٽيليويزن، اشتهار، فلم ۽ ٻيا آڊيو- ويزل ايڊ (ڏسڻ ۽ ٻُڌڻ) جا انيڪ طريقا موجود هئا، اهو تمام گهڻو وقت هو، جڏهن تہ سنڌي سکڻ لاءِ انگريزن کي شروع ۾ فقط ١٨ مهينا ڏنا ويا هئا. رسول بخش انڙ لکي ٿو تہ: ”اردو وارا سنڌ ۾ نوان آيا، پر ون يونٽ کان اڳ واري سنڌ سرڪار هنن کي صرف بہ سال ڏنا. پر پنجويہ سالن رهڻ کان پوءِ انهن کي ٻارنهن سالن جي مهلت ڏني وئي آهي.... آرڊيننس جي ڪري سنڌ سول سروس ڪلاسيفڪيشن رولس ٥٢ جو قاعدو ١١، ڇئن پاڳن سميت بيڪار ٿي ويو. ملازمتن لاءِ سنڌي ڄاڻ لازمي هئي پر هاڻي اردوءَ جي ڄاڻ اڻ سڌي طرح لازمي ڪئي وئي آهي. سنڌيءَ جو امتحان ٻن سالن ۾ پاس ڪرڻ وارو عرصو هاڻي ١٢ سال ڪيو ويندو.“(١٧)

## سنڌ سول سرونٽ جي زباني امتحان جو قانون ، ١٩٨١ع:

٢٨ مارچ ١٩٨١ع تي سنڌ حڪومت پاران، سنڌ سول سرونٽ جي زباني امتحان جو قانون (The Sind civil Servants Language Examination Rules, 1981)، ١٩٨١ع جاري ڪيو ويو. هن نئين قانون جي نفاذ سان سنڌ گورنمنيٽ جي سول سرونٽ جو ٻولي امتحاني قانون، ١٩٦٣ع ۾ ختم ڪيو ويو. هن قانون مطابق جيڪي سرڪاري ملازم گريڊ ٥ يا مٿي گريڊ جا هوندا، اهي سڀ اردو زبان جو امتحان پاس ڪندا (سواءِ انهن جي جن جي مادري ٻولي اردو آهي.) اهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ جو معاملو انهن لاءِ ٿيندو (سواءِ انهن جي، جن جي مادري ٻولي سنڌي آهي). هن قانون تحت سڀئي سرڪاري ملازم، جيڪي سنڌ صوبي سان تعلق رکندڙ هوندا يا وري وفاقي سرڪار طرفان سنڌ صوبي ۾ خدمتون سرانجام ڏيندا، اهي سڀ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس





ڪندا. هن قانون ۾ مادري زبان جي امتحان، انڪريمنٽ، امتحان طريقي، امتحان کان ڇوٽ وغيره بابت مڪمل طور تي ڄاڻ ڏنل آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ سنڌي لينگئيج اٿارٽي:

آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ سڀ کان وڏو قدم اهو هو تہ پاڪستان جي اسلامي رعيتي راڄ جي ١٩٧٣ع واري آئين جي فقري ٢٥١ (٣) هيٺ ’قومي ٻوليءَ‘ جي حيثيت کي قائم رکندي، قومي ٻوليءَ سان گڏ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال لاءِ قانوني اپاءَ لاءِ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ’سنڌ ايڪٽ ١٩٧٢ع‘ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال) ۽ ’سنڌ ترميمي ايڪٽ ١٩٩٠ع‘ (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال) جي صورت ۾ منظور ڪيو، جنهن موجب: ”قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي سنڌ ۾ لازمي طور سنڌي ٻوليءَ جو استعمال صوبائي ٻوليءَ طور ٿيندو، ۽ وڌيڪ جيئن ان ايڪٽ جو مقصد آهي تہ سنڌ حڪومت صوبي ۾ ’بورڊ‘، ’اڪيڊميون‘ ۽ ’اٿارٽي‘ قائم ڪندي ۽ ان سلسلي ۾ اثرائتا انتظام ڪندي ۽ قاعدا بحال ڪندي تہ جيئن صوبي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال وڌندو . اداري جو نالو ’سنڌي لئنگئيج اٿارٽي‘ رکيو ويو ۽ ان جي آفيس حيدرآباد ۾ رکي وئي. هن اداري جا مقصد ۽ ڪم هن طرح مقرر ڪيا ويا:

١. سنڌي ٻوليءَ جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڪم ڪرڻ.

٢. سنڌي ٻوليءَ جي تعليم ۽ سکيا کي بهتر بنائڻ، خاص ڪري سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر سنڌي نہ ڄاڻندڙ سرڪاري ملازمن ۽ عام شهرين کي سنڌي ٻوليءَ جي سکيا ڏيڻ.

٣. سنڌ جي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري دفترن، توڙي ٻين خودمختيار ادارن، عدالتن ۽ مڪاني ادارن اندر سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ ۽ سنڌيءَ ۾ رڪارڊ رکڻ کي يقيني بنائڻ.

٤. درسي ڪتابن، اخبارن، ريڊيو ۽ ٽي وي تي سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال کي يقيني بنائڻ ۽ ان کي ترقي وٺائڻ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٥. مقابلي جي امتحانن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ ڪوشش وٺڻ.

٦. خاص وفاقي دستاويزن ۽ اشاعتن ڪي سنڌيءَ ۾ شايع ڪرائڻ لاءِ راهه هموار ڪرڻ.

سرڪاري سطح تي 'سنڌي لئنگويج اٿارٽي' جو سنڌ جي آفيسن ۽ آفيسرن کي سنڌي سيکارڻ ۾ تمام وڏو ڪردار آهي. مثال طور:

ب - سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي هر سطح تي صوبائي حڪومت جي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري دفترن توڙي ٻين خودمختيار ادارن ۽ مڪاني ادارن جي دفترن ۽ لکپڙهه ۾ برقرار رکڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

ج - هيٺين سطحن تي، موافقت ذريعي، سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال کي يقيني بنائڻ: (١) صوبائي ۽ مڪاني ادارن جي لکپڙهه، پڌرائين، ڪتابڙن ۽ اشاعتن ۾، (٢) تعليمي نصاب جي ڪتاب ۾، (٣) دفتري لکپڙهه جي دائمي دستاويزن، رفاه عام جي يادگارن ۽ ٻين سلسلن جهڙوڪ: بنيادي پٽرن، نقشن، نالي وارين تختين، رستن جي مفاصلو ڏيکاريندڙ پٽرن، جاين ۽ ماڳن جي نالن وغيره ۾.

د - سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي سهڪار سان مقابلي جي امتحانن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ راهه هموار ڪرڻ ."[١٨]

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جا بنيادي مقصد: سنڌي زبان جي تدريس (Teaching of Sindhi Language)، سنڌي زبان جي دفترن ۾ استعمال (Official use of Sindhi Language) ۽ سنڌي زبان جي ترقي ۽ واڌ ويجهه (Promotion & development of Sindhi Language) کي آڏو رکندي، مختلف دؤرن ۾، مختلف چيئرمينن، ڪيترين ئي رٿائون شروع ڪيون ان ڏس ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي زبان نه ڄاڻندڙ سرڪاري ملازمن ۽ عام شهرين لاءِ تدريسي ڪلاس هلايا ويا. ڊاڪٽر غلام علي الانا، جو اهم ڪردار اهو آهي ته هن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن کان اها ڳالهه قبول ڪرائي ته آئنده ڪميشن جو امتحان ڏيندڙ غير سنڌي اميدوارن لاءِ اهو لازمي هوندو ته هو سنڌي ءَ جو خاص امتحان ڏين، جنهن جي ڪورس ٺاهڻ ۽ ڪلاس هلائڻ جو ڪم 'سنڌي لئنگئيج اٿارٽي' پنهنجي ذمي ڪنيو.





"ڊاڪٽر غلام علي الانا جي دور ۾ سنڌي زبان سيکارڻ لاءِ ڪلاسن هلائڻ واري مقصد لاءِ ڪتابن ۽ ڪئسيٽن جي تياريءَ طرف ڌيان ڏنو ويو ۽ سنڌي زبان جي تدريسي اصولن کي سامهون رکي، 'اسڪيم آف اسٽڊيز تيار ڪئي وئي ان مقصد لاءِ ماضيءَ ۾ غير سنڌين لاءِ اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڇپايل ڪتاب نظر مان ڪڍيا ويا ۽ جديد دور جي گهرجن ۽ تيز ترين مواصلاتي ضرورت کي محسوس ڪندي دنيا جي اُسريل تعليمي ٽيڪنالاجي ۽ فاصلاتي تعليم جي طريقي هيٺ، سنڌي زبان سِکڻ لاءِ سنڌي لنگئافون(Sindhi Linguaphone) تيار ڪيو ويو، جنهن جي پئڪيج ۾ هڪ نصابي ڪتاب، هڪ ورڪ بڪ ۽ ڇهه آڊيو ڪئسيٽون تيار ڪيون ويون. نصابي ڪتاب ۽ ورڪ بڪ جو مواد ڊاڪٽر غلام علي الانا لکيو ۽ ورڪ بڪ جون تصويرن آرٽسٽ علي اڪبر سومري کان ٺهرايون ويون ۽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اڳوڻي ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد قاسم ماڪا جي سهڪار سان ڪتابن جي تياريءَ بعد آڊيو ڪئسيٽن جي رڪارڊنگ ڪئي وئي. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر نسرين جوٽيجو جي سول لائين حيدرآباد واري گهر جي هڪ ڪمري کي اسٽوڊيو طور ڪم آندو ويو ۽ ڇهن آڊيو ڪئسيٽن جو سيٽ ماهين هيسباڻيءَ ۽ محمد قاسم ماڪا جي پٽ آفتاب ڪاڪا جي آوازن ۾ مڪمل رڪارڊ ڪيو ويو .هن ڪتاب ۾ ايجوڪيشنل ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان سنڌي نصاب جو پاڻمرادو تدريسي طريقو (self-learning system) ۽ استادن لاءِ هدايتون شامل آهن. آڊيو ڪئسيٽن جي رهنمائيءَ ۾ ٽيڪسٽ بڪ ذريعي زبان سکڻ ڪانپوءِ ورڪ بڪ خود تدريسي ۽ خود آزمائشي طريقي موجب ڄڻ ته هڪ استاد آهي ۽ هي طريقو فاصلاتي تعليمي نظام (Distance Teaching system) جي اصولن موجب آهي."[١٩]

## سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو امتحان:

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سنڌ جي اوائلي ادارن مان هڪ آهي، ان جو بنياد پهرين اپريل ١٩٣٧ع تي بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾ پيو .ان زماني ۾ هيءَ ڪميشن 'سنڌ بمبئي پبلڪ سروس ڪميشن' سڏبي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان ٻه هفتا اڳ، پهرين آگسٽ١٩٤٧ع تي ان گڏيل ڪميشن کي ٽوڙي سنڌ لاءِ الڳ 'سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن' قائم ڪئي وئي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ايڪٽ (١٩٧٣ع) جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سيڪشن- ٦ تحت، ٢٨ مارچ ١٩٧٤ع تي ڪميشن هيٺ ڄاڻايل قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪم شروع ڪيو:

١. ”گريڊ ١٦ ۽ ان کان مٿي جي آسامين لاءِ سرڪاري کاتن، سول سروس توڙي سرڪار جي هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ خودمختيار ادارن ۽ ڪارپوريشن جي ملازمن لاءِ ڀرتين جو انتظام ڪرڻ.

٢. اميدوارن جي اهليت يا گهربل تعليمي قابليت وغيره بابت حڪومت کي صلاحون ڏين.

٣. ڊپارٽمينٽل ۽ لئنگئيج ايگزام (ٻوليءَ جا امتحان) منعقد ڪرائڻ.“[٢٠]

وقت سان گڏوگڏ، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي قاعدن ۾ ترميم ٿيندي رهي آهي، پر آفيسرن جي ٻوليءَ جا اختيار سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن وٽ ئي رهيا آهن. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي طرفان سنڌي ٻوليءَ جي اميدوارن لاءِ مختلف امتحان ورتا ويندا آهن.

## حوالا


1. Postans, Thomas: ‘Personal Observation on Sindh’, London, 1843 , p.65
2. ‘Reports of Sir George Clerk, on the Administration of Scinde; with the appendices thereto and all Reports of Mr. Pringle and of Mr. Frere, on the same Subject, not already before Parliament’, Edited by: James C. Mechvill, 10th August 1854, p331.
3. Ibid, pp 332, 333.
4. Ibid, pp 61, 62.
5. Ibid, p15.
6. Mallah, Mukhtiar Ahmed: ‘The Development of Sindhi Language and Script during English Period’، Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017, p. 132.
7. Ibid, p228.

٨. بيگ، ڪاظم رضا، ميرزا، ’ڊاڪٽر ايچ -ٽي سورلي‘، ماهوار پيغام ، سنڌ اطلاعات کاتو، حڪومت سنڌ، جنوري ١٩٩٣ع، ص ٣٧.







٩. بيگ ، مرزا قليچ، ’سائو پن يا ڪارو پنو‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، (ڇاپو ٽيون)، ٢٠٠٤ع، ص ١٢٣.

10. Captain George Stack: ‘A Dictionary Sindh and English’, Sindhi Language Authority, Hyderabad,2010, p.3

١١. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر، ’سنڌي لغت- نويسيءَ جي تاريخ‘، سي ماهي مهراڻ نمبر ٤ ،سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٠ع.

١٢. سومرو، ثناءُالله، (مرتب): ’سنڌي ٻولي بِل ۽ آرڊيننس‘، (رسول بخش انڙ شخصيت ۽ علمي خدمتون)، پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچي، ٢٠١٨ع، ص: ١٢٤، ١٢٣.

١٣. الانا ، غلام علي، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻوليءَ جي بقا، بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ ڪيل ڪوشش جو جائزو‘، سنڌي ٻولي عالمي ڪانفرنس (ترتيب پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين)، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٦ع، ص:٢٥، ٢٤.

١٤. سومرو، ثناءُالله، (مرتب): ’سنڌي ٻولي بِل ۽ آرڊيننس‘، (رسول بخش اُنڙ شخصيت ۽ علمي خدمتون)، پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچي، ٢٠١٨، ص:١٢٣.

15. The Sindh (Teaching, Promotion and Use of Sindhi Language) (Application) Act, 1972, (http://sindhlaws.gov.pk/setup/publications_SindhCode/PUB-15-000232)

16. SIND (TEACHING, PROMOTION AND USE OF SINDHI LANGUAGE) ACT, (APPLICATION)ORDINANCE, 1972.

١٧. سومرو، ثناءُالله، (مرتب): ’سنڌي ٻولي بِل ۽ آرڊيننس‘، (رسول بخش انڙ شخصيت ۽ علمي خدمتون)، پيڪاڪ پبلشرز، ڪراچي، ٢٠١٨، ص ١٢٦.

18. The Sindh civil Servants Language Examination Rules, 1981 , http://sindhlaws.gov.pk/setup/Publications_SindhCode/PUB-15-000525)

١٩. انسائيڪلو پيڊيا سنڌيانا ،(جلد ائون)، چيف ايڊيٽر: پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد ، ٢٠١٣ع، ص ١٤٤، ١٤٣.

20. The Sindh Public Service Commission (Functions) Rules, 1974.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair

